# تڏ ۽ سندس اچرج جھڙي ڄار

ڪمري جي ڪنڊ ۾ هڪ وڏو ڄارو لٽڪيل هو، ۽ اتي ويٺل هڪ تڏ پنهنجي ڪم ۾ رڌل هئي. امان جي جيئن ئي ان ڄاري تي نظر پئي ته جهٽ ۾ ٻهارو کڻي ان کي لاهي ڦٽو ڪيائين.

اسان اهڙي طرح سان پنهنجي گھر کي ڄارن کان پاڪ ڪندا آهيون، اهو به ٺيڪ آهي پر انهن ڄارن جي ڪهاڻي آهي ڏاڍي دلچسپ.

اچو ته پڙهون

دنيا ۾ ننڍين وڏين تڏن جا هزارين قسم آهن، گهريلو تڏ، ننڍين تڏين منجهان هڪ آهي. هن جو ڄارو هلڪو سلڪو، پنهنجي جسم آهر، پر ٻين ڪيترين ئي شين کان وڌيڪ مضبوط هوندو آهي. اهو تڏ ۽ سندس شڪار مکين ۽ ٻين جيتن جي وزن کي سهي سگهندو آهي. جي اهو ڄارو باغ ۾ کليل هوا منجهه هوندو ته سڄي رات ماڪ جي ڦڙن کي جذب ڪندو رهندو آهي ۽ صبح ساجهر سج جا ڪرڻا انهن کي هيرن جي ڪڻين جيان چمڪائي ڇڏيندا آهن. ماڪ جي وزن کي به هي نازڪ ڄارو سنڀالي سگهندو آهي.

تڏ پنهنجي ڄاري کان تمام گهڻا ڪم وٺندي آهي، سوچيو ته سهي، جيڪڏهن توهان کي پنهنجو گھر ٺاهڻ لاءِ ٻيو ڪنهن جي به مدد نه گهربل نه هجي ته توهان کي ڪيئن لڳندو؟! تڏ پنهنجو ڄارو پاڻ ٺاهيندي آهي. ان جي پيٽ جي هيٺائين حصي ۾ عضوا ٺهندا آهن جيڪي سپرنيٽ چورائيندا آهن. سپرنيٽ ۾ ڄاري جو ريشم پروٽين مان ٺهندو آهي. ۽ سوراخن جي ذريعي ڌاڳن جي شڪل ۾ تڏ جي جسم مان ٻاهر نڪرندو آهي. ٻاهر جي هوا لڳڻ شرط ڌاڳو سڪي ويندو آهي ۽ پوءِ تڏ ان کي اڻندي پنهنجو ڄارو يعني گھر ٺاهيندي آهي. ڄاري جو اهو حصو جنهن ۾ تڏ رهندي آهي اهو سڪل هوندو آهي. پر سندس گھر جو هڪ حصو اهڙو به هوندو آهي جيڪو شڪار کي ڦاسائيندو آهي. هي حصو چنبڙندڙ هوندو

آهي، انهيءَ ڪانسواءِ ڇاري جو رنگ اهڙو هوندو آهي جيڪو ڏينهن جي وقت مڪين، ڪيلين ۽ ٻين جيتن کي نظر ڪونه ايندو آهي، ۽ اهي اتي ڦاسي پوندا آهن. ۽ هاڻي تڏ صاحبه پنهنجي شڪار کي ان وقت کائيندي آهي جڏهن ڪيس بک لڳندي آهي.

تڏ بيدا ڏيڻ کان اڳ بيدا رکڻ لاءِ ٿيلهيون به تيار ڪندي آهي، جنهن ۾ بيدا حفاظت سان رکي سگهجن. پونئر ۽ ٻيا اڏامندڙ جيت انهن کي کائي نه سگهن. تڏ جا ٻچا جڏهن بيدن مان نڪرندا آهن ته اهي ٿيلهيءَ مان به نڪري ايندا آهن.

تڏين جا ڪجه سپيشز قسم اهڙا به هوندا آهن، جيڪي پنهنجا ڇارا پاڻ ئي کائي ڇڏينديون آهن. جڏهن انهن جا ڇارا پراڻا ٿي ويندا آهن ته نوان ناهڻ بدران اهي پراڻا ڇارا کائينديون آهن ۽ اهو پراڻو ڇارو جڏهن انهن جي جسم ۾ وڃي هضم ٿيندو آهي ته اتي انهن جي ريشم کي تازي پروٽين ۽ غذا ملندي آهي ته پوءِ اهو تازو توانو ٿي ٻيهر تڏ جي جسم مان ٻاهر نڪري ايندو آهي. اها ريشم جي نئي ريسائڪلنگ چورائيندي آهي. بلڪل نئون نڪور ڇارو بنائڻ تڏ لاءِ مشڪل هوندو آهي ۽ ان کي ڪمزور ڪري ڇڏيندو آهي.

ڇارو تڏ جو گهر به آهي ته شڪارگاه پڻ آهي. اهو بيدن لاءِ نرسري جو ۽ شڪار لاءِ اسٽور روم جو ڪم ڏيندو آهي، (جهرڪي ۽ بگهڙ جيان تڏ کي پنهنجو شڪار فوري طور کائڻو ڪونه پوندو آهي.) ڇاري کان وٺي هر شئي تائين تڏ کي ايئن ملي ويندي آهي جيئن هن دور ۾ هوم ڊليوري گهر ويٺي ضرورت جي هر شئي گهر پهچائي ويندي آهي.

سائنسدانن جو چوڻ آهي ته تڏ جو ڇارو اسٽيل کان به وڌيڪ مضبوط ٿيندو آهي، وڏين تڏن جو ڇارو ننڍين تڏن کان به وڌيڪ مضبوط ٿيندو آهي، ايترو مضبوط جو هو بندوق جي ڇٽيل گولي کي به روڪي سگهي ٿو. گولڊن اوروپ نالي هڪ تڏ جو ڇارو ته سائنسدانن مطابق جيٽ 747 کي به روڪي سگهي ٿو. انهي ڇاري جا ڌاڳا پينسل جيترا ٿلها ٿيندا آهن.

اڄڪله سائنسدان تڏ جي ڄاري جهڙو مضبوط ڄارو ليبارٽري ۾ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. اهو ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي، جي هو اهڙو ڄارو ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ته اهو مصنوعي ريشم طب (ميڊيسن) ۽ انجنئرنگ ۾ تمام گهڻو ڪارائتو ثابت ٿيندو.

جيڪڏهن سائنسدان اهو ڄارو آرگينگ شين مان ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ته اهڙي هٿرادو ڄاري جو هڪ فائدو اهو به ٿيندو ته ڇاڪاڻ ته اهو نامياتي شين منجهان ٺهيل هوندو ته انهي ڪري ٻين نامياني شين جيان ڳري مٽي ۾ ملي وڃڻ جي خاصيت رکندڙ هوندو ۽ مٽي مان ڦٽندڙ ٻوٽن لاءَ پڻ ڪارائتو ٿيندو. (غير نامياتي شيون تمام ڊگهي عرصي تائين ڪونه ڳرنديون آهن، مثال طور پلاسٽڪ غيرنامياتي شئي آهي ۽ اها ڪيترن ئي سوين سالن تائين ڪونه ڳرندي آهي ۽ ان جا ٽڪڙا پاڻي توڙي خشڪي تي ٽڙيل پکڙيل رهندا آهن. نتيجو اهو نڪرندو آهي ته مڇيون ۽ ٻئي پاڻي جي توڙي خشڪي جي مخلوق انهن کي کاڌو سمجهي کائيندي آهي انهي سبب هو بيمار ٿي پوندا آهن. انهن جانورن جو گوشت جڏهن انسان کائيندا آهي ته پلاسٽڪ انهن جي اندر به هلي ويندي آهي انهي سبب هنن کي ڪينسر جهڙو موتمار مرض لاڳو ٿي پوندو آهي.

**آمنه اظفر**

**سنڌي ۾ ترجمو**

**عطيه دائود**

آرگينگ نامياتي جزا جاندار شين مان ٺهندا آهن. جهڙوڪ ٻوٽا ۽ جانور.

ڳڙ، ڪمند يا لاهوري گجر مان ٺهندو آهي. ڪاغذ، ڪاٺ مان ٺهندو آهي. ريشم، ريشم جا ڪيڙا ٺاهيندا آهن.